پريس رليز

# "حڪومت جي بي حسيءَ عوام کي شديد بک جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي"!

16 آڪٽوبر 2025

پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ (PKMT) ۽ روٽس فار ايڪوٽي، ٻيون علائقائي ۽ عالمي تنظيمن ايشين پيزنٽ ڪوليشن (APC) ۽ پيپلز ڪوليشن آن فوڊ سوورينٽي (PCFS) جي سهڪار سان گڏيل ڪيترن ئي سالن کان 16 آڪٽوبر "خوراڪ جي عالمي ڏينهن" کي "بک جي عالمي ڏينهن" طور ملهائين ٿا. ان سلسلي ۾ پي ڪي ايم ٽي پاران سکر پريس ڪلب ۾ هڪ پريس ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو.

پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ جي اڳواڻن حڪومت پاڪستان جي هارين دشمن پاليسين ۽ زرعي خودمختياري تي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته، هن سال به حڪومت پاران ڪڻڪ جي امدادي قيمت جو اعلان نه ٿيڻ سبب ننڍن ۽ زمين کان محروم هارين تي سخت معاشي دٻاءُ وڌي ويو آهي .پي ڪي ايم ٽي جي مطابق ڪڻڪ پاڪستان جي غذائي خودمختياري جي علامت آهي، پر حڪومت پاران هارين لاءِ امدادي اگهه جو نه هجڻ انهن جي محنت ۽ روزگار تي وڏو حملو آهي. ان جي نتيجي ۾ هاري پنهنجي پيداواري لاڳت به پوري ڪرڻ کان قاصر آهن، جڏهن ته ڪيميائي ڀاڻ، ٻج ۽ زرعي دوائن جي اگهن ۾ حد کان وڌيڪ واڌ انهن جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهيو آهي، ۽ زرعي بين الاقوامي ڪمپنيون بي حساب منافعو حاصل ڪري رهيون آهن.

اقوام متحده جي خوراڪ ۽ زراعت واري اداري (FAO) جي24–2020 جي انگن اکرن مطابق پاڪستان جي غذائي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي آهي. سندن مطابق پاڪستان جي 42.1 سيڪڙو آبادي، يعني 10 ڪروڙ 40 لک کان وڌيڪ ماڻهن کي مناسب ۽ مستقل خوراڪ ميسر ناهي. گلوبل هنگر انڊيڪس مطابق 2025 ۾ بک جي حوالي سان پاڪستان دنيا جي 123 ملڪن مان 106 هين نمبر تي آهي، ۽ صورتحال کي سخت ڳڻتي جوڳو قرار ڏنو ويو آهي.

پي ڪي ايم ٽي جي اڳواڻن چيو ته عالمي سطح تي خوراڪ جي اگهن ۾ لاٿ چڙهاءُ ۽ موسمي بحران جي باوجود پاڪستان جي حڪمران طبقي زراعت کي سرمائيدارانه پاليسين تحت آزاد مارڪيٽ جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي. هڪ پاسي زراعت ۾ ڊجيٽلائيزيشن، مال مويشي شعبي ۾ پرڏيهي نسلون ۽ جنياتي ٻج جي واڌاري جهڙين نيو لبرل پاليسين کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جيڪا صرف ۽ صرف صنعتي زراعت ۽ جاگيردارن، سرمائيدارن جي مفادن جي تحفظ لاءِ آهي. ٻي پاسي ڪڻڪ جي امدادي قيمت نه هجڻ سبب مقامي پيداوار ۾ گهٽتائي ۽ خوراڪ جي عدم تحفظ ۾ اضافو يقيني بڻجي چڪو آهي، جيڪو اڳ ئي سخت آهي. ان صورتحال جو سڀ کان وڌيڪ اثر ننڍن، زمين کان محروم هارين، مزدورن ۽ ڳوٺاڻين آبادين تي پوي ٿو. اها صورتحال هارين کي مجبور ڪري رهي آهي ته هو ڪڻڪ جي پوک گهٽائين يا پنهنجون زمينون وڪرو ڪن، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جي مقامي پيداوار گهٽجي ويندي ۽ خوراڪ جي درآمد تي ڀاڙڻو پوندو، جيڪو ملڪ جي خودمختياري لاءِ خطرو آهي. عالمي سرمائيدار طبقو چاهي ٿو ته درآمد وڌائي پنهنجي منافعي ۾ واڌ ڪري. ان ڪانسواءِ زرعي پيداوار کي اپترو ڏکيو بڻايو ويو آهي جو هاري زراعت ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃن، ۽ زرعي شعبي تي صرف جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سامراجيت پسند ڪمپنين جي اجاره داري قائم ٿي وڃي.

ملڪ جي ننڍن ۽ بي زمين هارين جي روزگار، خوراڪ ۽ خودمختياري لاءِ پي ڪي ايم ٽي هيٺيان مطالبا پيش ڪري ٿي:

1. فوري طور تي ڪڻڪ جي گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت جو اعلان ڪيو وڃي، جنهن ۾ پيداوار جي قيمت جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو منافعي کي يقيني بڻايو وڃي.
2. موسمي انصاف ۽ ننڍن هارين تي ٻڌل زرعي پاليسي جوڙجي، جنهن ۾ هارين جي راءِ ۽ عمل کي مرڪزي حيثيت حاصل هجي.
3. خوراڪ کي بنيادي انساني حق طور تسليم ڪندي، عوامي بنيادن تي زرعي ۽ واپاري پاليسيون جوڙيون وڃن ته جيئن خوراڪ مارڪيٽ بدران عوام جي اختيار ۾ هجي.
4. خوراڪ جي قيمتن ۾ خاص طور تي اٽو، چانور، کنڊ، کاڌي جي تيل ۾ فوري طور تي گهٽتائي آندي وڃي.
5. مهانگائي ۾ گهٽتائي آڻيندي، بجلي، گئس، ٽرانسپورٽ جي اگهن ۾ فوري رعايت ڏني وڃي
6. ملڪ جي زرعي خودمختياري لاءِ ٻجن تي ڪمپنين جي اجاره داري ختم ڪئي وڃي ۽ مقامي ٻجن، پائيدار زراعت ۽ خوراڪ جي خودمختياري کي فروغ ڏنو وڃي.
7. زمينن جي منصفاڻي ۽ برابري جي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي.

پي ڪي ايم ٽي اعلان ڪيو آهي ته جيڪڏهن حڪومت هارين جي جائز مطالبن تي فوري عمل نه ڪيو ته ملڪ گير احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو. بک جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تحريڪ عوام، مزدورن، شاگردن، شهري تنظيمن ۽ ٻين کي اپيل ڪري ٿي ته اهي خوراڪ، زمين ۽ زندگي جي حق جي دفاع ۾ هارين سان گڏ بيهن.

جاري ڪندڙ: پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ (پي ڪي ايم ٽي)